# سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن



## ڪڻڪ جو فصل

هن وقت دنيا آباديءَ جي وڌندڙ دٻاء جو شڪار آهي، جنهن ڪري ماڻهو اناج ۽ پاڻي جي سخت اڻاٺ مان گذري رهيا آهن. ڪاڌ خوراڪ جي اهميت کي نظر ۾ رکندي ڪڻڪ جي فصل کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. پاڪستان جي **18** ڪروڙ آبادي آهي. ۽ **22** لک ميٽرڪ ٽن ڪڻڪ هر سال پيدا ٿئي ٿي، سا ملڪي ضروريات کي بمشڪل منهن ڏي ٿي ۽ ڪڏهن ڪڏهن بلجندڙ موسم ۽ آبهوا جي زد ۾ اچي پئداواري هدف پورو نہ ٿو ٿي سگهي. ان ڪري هن فصل کي نهايت ئي اهميت حاصل آهي. جنهن تي نہ صرف انسان پر جانور، پکي پکڻ، چوپائي مال جو بہ گذارو آهي. هي واحد فصل آهي جيڪو دنيا ۾ هر روز ڪٿي نہ ڪٿي پوکيو وڃي ٿو.

هن مان بسڪيٽ، سوجي، سَيون، ڊبل روٽي ڪيڪ وغيره بہ ٺهن ٿا. جنهن مان ڪڻڪ جي اهميت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

**زمين جي تياري:** ڪڻڪ جي بهتر پئداوار حاصل ڪرڻ لاءِ چيڪي لٽاسي، وارياسي لٽاسي ۽ زرخيز زمين جي چونڊ ڪئي وڃي. ڪلراٺي ۽ پڪي زمين ۾ فصل سٺو ڪونہ ٿو ٿئي ۽ ٻوٽي جي پاڙ يا تہ سڙي وڃي ٿي يا واڌ ويجهہ ڪونہ ٿي ڪري سگهي. زمين کي ٻہ کان ٽي اونها هر ڏنا وڃن، بعد ۾ پتر پچڻ لاءِ سانهر يا ڪيڻ گهمائي وڃي. جيڪڏهن ليزر ليولر آهي تہ ان جو استعمال ڪارائتو ۽ لاڀائتو ٿيندو. زمين ۾ وٿاڻ جو ڀاڻ في ايڪڙ **50** گاڏا پوکيءَ کان هڪ مهينو اڳ ملايا وڃن تہ زمين جي زرخيزي لاءِ بهتر ٿيندو.

**پوکيءَ جو وقت:** هي اناج وارو اهم ربيع جو فصل ڪري ليکيو وڃي ٿو، جيڪو دنيا ۾ وڏ ۾ وڏ ايراضي تي پوکجندڙ فصل آهي. سنڌ ۾ هن جي پوکائي جنسن جي لحاظ کان ٿئي ٿي. اڳاٽيون جنسون پهرئين نومبر کان ۽ پاڇاٽيون جنسون **20** نومبر کان **25** ڊسمبر تائين پوکيون وڃن ٿيون.

**ٻج جو انتخاب ۽ مقدار:** بهتر فصل لاءِ ٻج کي وڏيڪ اهميت حاصل آهي، "ٻج هجي تہ نج هجي" **60-50** ڪلوگرام تصديق شده ٻج في ايڪڙ وجهڻ گهرجي.

**ڪڻڪ جون جنسون:** سرسبز، ٽي.ڊي **1** انقلاب **91**، عبدالستار، ڪرن **95**، ماروي، سوغات، مهراڻ، انمول، پٽائي، مومل، ٽي.جي **83**، ٻکر اڳاٽيون جنسون ۽ جڏهن تہ ٽي.جي **83**، ڪرن، انمول، انقلاب، ٻکر پاڇاٽيون جنسون سڏجن ٿيون.

**پوکيءَ جو طريقو:** پئداوار جي لحاظ کان ناڙي راڻي آهي ۽ ڇٽ ٻانهي چئجي ٿي. ناڙي واري طريقو بهتر ۽ لاڀائتو آهي، هن ۾ قطارن جو فاصلو **9** انچن تي رکبو آهي ۽ ٻج کي ڏيڍ انچ جي اونهائي تي آٽوميٽڪ ڊرل وسيلي رکيو ويندو آهي. ڪٿي ڪٿي پاڻيءَ ۾ ڇٽ ڪيڙ يا لِٽ بہ ڪن ٿا. جنهن ۾ گندگاهہ صاف ڪرڻ ناممڪن ٿيو پوي ۽ في ايڪڙ ٻج جوبہ وڏيڪ استعمال ٿي وڃي ٿو.

**ڪيميائي ڀاڻ جو استعمال:** زمين جي چڪاس مطابق ڀاڻ جو استعمال ڪجي يا وري نائٽروجن ۽ فاسفورس وارا ڀاڻ **2:1** جي تناسب سان ڏجن. جنهن جو وچور هن ريت آهي.

